صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ٢٨ مارچ ٢٠١۴

سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) (ترميم) بل ٢٠١۴،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ٢٨ فيبروري٢٠١۴ تي پاس ڪيوويو ۽ گورنر سنڌ ٢٧ مارچ ٢٠١۴ تي منظوري ڏني،جنهن کي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو-

## سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) (ترميم) ايڪٽ، مجريه ٢٠١۴

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII، مجريه ٢٠١۴

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) ايڪٽ، 1994 (Regularization of Adhoc Appointment) ۾ تبديلي آندي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ انهيءَ ڳالهہ جي تقاضا آهي تہ سنڌ سروئنٽس (ريگيولرائيزيشن آف ايڊهاڪ اپائنٽمينٽ) ايڪٽ، 1994 کي هن ريت بدلايو وڃي؛

جيڪو هن ريت جوڙيو وڃي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1). هن ايڪٽ کي سنڌ جي سرڪاري ملازمن (جي ڪچي مقرريءَ کي پڪو ڪرڻ) (ترميم) ايڪٽ ٢٠١۴ (The Sindh Civil Servants (Regularization of Adhoc Appointments) (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ ان کي ٢٨ جولاءِ ١٩٩٤ کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 1994 جي دفعه 3 ۾ تبديلي.
Amendment of Section 3 of Act No XIX of 1994.

**2.** سنڌ سول سرونٽس (ريگيولرائيزيشن آف ايڊهاڪ اپائنٽمينٽس)، 1994 جي دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) جي آخري سٽ وارن لفظن "هن ايڪٽ لاڳو ٿيڻ واري تاريخ کان" جي بدران "ملازم جي ابتدائي مقرريءَ واري تاريخ" جا لفظ رکيا ويندا.

**بحڪم**

**اسپيڪر**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ.**

**جي.ايم.عمر فاروق**

**سيڪريٽري**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ**

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**